# سيفٽي وائيز


## ستاءُ ...


- نيشنل روڊ سيفٽي ڪانفرنس ڪراچي
- اعجاز علي خان سان ڳالھہ ٻولھہ
- روڊ سيفٽي ـ ميلا
- سنڌ اندر روڊ سيفٽي



روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام نيوز ليٽر_ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

جون 2007ع – شمارو ٻيو

”انٽرنيشنل فيڊريشن آف ريڊ ڪراس اينڊ ريڊ ڪريسينٽ سوسائيٽيز جي ورلڊ ڊزاسٽرس رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ روڊن تي ٿيندڙ حادثا عالمي سطح جي تباهي آهن، جن سان نہ صرف انساني حياتيون ۽ روزگار ختم ٿيو وڃي بلڪ ترقي ۾ وڌيون وڌيون رڪاوٽون پيش اچڻ ڪانسواءِ لکين ماڻهو غير محفوظ حالتن جو شڪار ٿيو وڃن.“

## روڊ سيفٽيءَ جو عالمي هفتو

### 2007ع

روڊ تي سلامتي جو مسئلو پوري دنيا ۾ هڪ ڳنڀير ۽ وڏو مسئلو آهي. عالمي سطح تي هر سال لڳ ڀڳ ڏھ لک ماڻهو روڊ حادثن جي ڪري موت جو شڪار ٿين ٿا، جڏهن تہ 50 ملين (5 ڪروڙ) ماڻهو زخمي ٿي پون ٿا. دنيا جي ترقي پذير ملڪن ۾ روڊ سيفٽي جو مسئلو وڏي حد تائين فڪر ۽ ڳڻتيءَ جو باعث بڻيل آهي. انگن اکرن مان صورتحال جي سنگيني جو احساس ٿئي ٿو. صرف ايشيا ـ پيسفڪ ريجن جي ملڪن ۾ پيش ايندڙ حادثا دنيا ۾ پيش ايندڙ سمورن حادثن جو لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو آهن. ان کان سواءِ ترقي پذير ملڪن ۾ هر سال لڳ ڀڳ 70 ملين (7 ڪروڙ) ماڻهن کي رڳو حادثن جي ڪري اسپتالن ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو. دنيا ۾ پيش ايندڙ حادثن مان 86 سيڪڙو حادثن جو تعلق ترقي پذير ملڪن سان هوندو آهي جڏهن تہ انهن ملڪن ۾ دنيا جي ٽوٽل گاڏين جو 30 سيڪڙو گاڏيون بہ مشڪل سان هونديون.

انهيءَ مسئلي جي اهميت تي زور ڏيڻ جي مقصد خاطر هن سال اقوام متحده طرفان23 اپريل کان 29 اپريل، 2007ع تائين عالمي سطح تي روڊ سيفٽي جو هفتو ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو هيو. اُن موقعي تي ٽريفڪ حادثن جي ڪري زخمي ٿيندڙ ماڻهن، پيادل هلندڙ ماڻهن، سائيڪل سوارن، موٽر سائيڪل سوارن ۽ ٻين مسافرن جي نازڪ حالتن ۾ ڦاسندڙ ماڻهن جي پريشانين جي باري ۾ سماجي سطح تي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي مقصد خاطر عالمي ۽ مقامي سطح تي ڪوشش ورتيون ويون ۽ اميد پئي ڪئي وڃي تہ حڪومتي ادارن، غير سرڪاري تنظيمن، خانگي شعبي جي ادارن ۽ روڊ جي سلامتي جي حوالي سان ڪم ڪندڙ ٻين تنظيمن طرفان اِن ڏس ۾ پنهنجون پنهنجون ڪوششون ورتيون ويون هونديون.

عالمي روڊ سيفٽيءَ جي هن هفتي جي اهميت جي پيش نظر روڊ سيفٽي ڊولپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن روز جي وڌندڙ خوفناڪ حادثن ۽ انهن جي ڪري ماڻهن مٿان ايندڙ مصيبتن بابت عملي طور آگاهي ڏيڻ جي ذميداري سرانجام ڏيندا رهيا آهن. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ روڊ سيفٽي ڊولپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ طرفان 100اسڪولن ۾ روڊ سيفٽي جو هفتو ملهائڻ ۽ ٻارن کي روڊ سيفٽي جي اهميت کي سمجهائڻ لاءِ سهولتڪاري پيش ڪئي وئي. انهن تقريبن جي باري ۾ وڌيڪ تفصيلات صفحي نمبر 4 تي پڙهندا.

## نيشنل روڊ سيفٽي ڪانفرنس


### ايس اِي ايف ، آر ايس ڊي ڊي ۽ آئي ايم سي

دنيا جي مختلف وڏن شهرن ۾ پيش ايندڙ حادثن جي شرح جو مطالعو. NED يونيورسٽي ڪراچي جي سول انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ 2000ع ۾ ڪيو جنهن موجب ڪراچي ۾ اها شرح انتهائي افسوسناڪ حد تائين وڌيل آهي يعني في 10,000 گاڏيون 5.6 حياتين لاءِ موت جو ڪارڻ بڻجن ٿيون، جڏهن تہ بهتر ٽريفڪ نظام رکندڙ شهرن ۾ في 10,000 گاڏيون 2.5 کان بہ گهٽ حياتين جي موت جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. اهڙن حادثن جو وڏي ۾ وڏو ڪاچ سائيڪل سوار، موٽر سائيڪل سوار ۽ پيادل هلندڙ ماڻهو بڻجن ٿا. انهن ڳالهين جو اظهار 24 اپريل، 2007ع تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن(SEF)، روڊ سيڪٽر ڊولپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ (RSDD)، ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ، حڪومتِ سنڌ ۽ انڊس موٽر ڪمپني(IMC) طرفان منعقد ڪيل نيشنل روڊ سيفٽي ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو.

سڄي ڏينهن تي مشتمل هن ڪانفرنس ۾ سماجي، ڪاروباري حڪومتي ادارن سان گڏ تعليم ۽ تدريس سان سلهاڙيل سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. سنڌ جي وزارت داخلا جو صلاحڪار جناب وسيم اختر صاحب هن موقعي تي مهمان خصوصي هو. جڏهن تہ ٻين معزز مهمانن ۽ ڳالهائيندڙن ۾ انڊس موٽر ڪمپني جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر (CEO) جناب پرويز غياث صاحب ۽ جناح پوسٽ گريجوئيٽس ميڊيڪل سينٽر (JPMC) جو ڊائريڪٽوريٽ جناب ڊاڪٽر رشيد جمعا صاحب شامل هئا.

ڊائريڪٽر RSDD جناب اعجاز علي خان اِن موقعي تي پنهنجي خطاب دوران سنڌ ۾ روڊ سيفٽي جي حوالي سان عوام ۾ شعوري جاڳرتا کي بيدار ڪرڻ ۽ روڊ جي قاعدن، قانونن ۽ پاليسن کي موثر نموني نافذ ڪرڻ جي حوالي سان حڪومتِ سنڌ طرفان ورتل ڪوششن تي روشني وڌي. روڊ سيفٽي بابت پاليسيون جوڙڻ جي حوالي سان هن سنڌ روڊ ايجنسي (SRA)، سنڌ روڊ فنڊ (SRF)، روڊ ايڪسيڊنٽ ڊيٽا سسٽم (RADS) طرفان ادا ڪيل ڪارائتي ڪردار تي بہ روشني وڌي.

ڊاڪٽر رشيد جمعا پنهنجي پريزينٽيشن ۾ ٻڌايو تہ صرف گذريل ستن مهينن دوران ڪراچي ۾ 500 کان وڌيڪ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا آهن جن مان اڪثريت سائيڪل سوارن، موٽر سائيڪل سوارن ۽ پيادل هلندڙن جي هئي. انڊس موٽر ڪمپني (IMC) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جناب پرويز غياث صاحب پنهنجي خطاب دوران چيو تہ هن دور ۾ جڏهن ماڻهن ۽ گاڏين جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، جنهنڪري هاڻ ضروري ٿي پيو آهي تہ روڊن جي تنگي ۽ ماحولياتي گهُٽ ۽ ٻوسٽ ۾






# روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام

## پروگرام بابت تازه ترين معلومات




گھٽتائي آندي وجي. هن ٻڌايو تہ انهي سلسلي ۾ Toyota طرفان جوڳا اپاءُ ورتا ويا آهن تہ جيئن ماحولياتي آلودگيءَ جي اثرات کي گھٽائي سگھجي.

پروفيسر انيتا غلام علي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان پنهنجي اختتامي خطاب دوران روڊ سيفٽي جي تعليم ۽ ان جي قاعدن ۽ قانونن جي موثر عملي نفاذ جي اهميت تي زور ڏنو ويو تہ جيئن روڊ تي پيش ايندر حادثن ۾ گھٽتائي آڻي سگھجي. سندس خيال هو تہ روڊ سيفٽي جي حوالي سان قانونن ۽ قاعدن جو عملي نفاذ ان صورت ۾ ئي گھربل ۽ موثر نتيجا ڏيئي سگھي ٿو جڏهن ان سان گڏوگڏ عوام جي تعليم و ترتيب ڪري سندن شعوري بعداري کي وڌايو وڃي اِن لاءِ سنجيده ڪوششون ورتيون وڃن اهو اهم حل آهي. هن چيو تہ انهيءَ حوالي سان روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام کي عوامي شعوري بيداري جي هڪ بنيادي ۽ مثالي ڪوشش قرار ڏيئي سگھجي ٿو.

هن موقعي تي پنج لڳاتار نشستون منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ مختلف ماهرن عمومي طور تي سڄي ملڪ ۽ بالخصوص ڪراچي ۾ روڊ سيفٽي جي حوالي سان حالتن کي سازگار بڻائڻ لاءِ پنهنجون پنهنجون سفارشون پيش ڪيون. پينلز جي صورت ۾ جن پنجن موضوعن تي بحث ۽ مباحثو ڪيو ويو سي هن ريت هئا:

- روڊ سيفٽي جي حوالي سان نجي ڪاروباري شعبي جو ڪردار
- روڊ سيفٽي جي حوالي سان طبي شعبي جو ڪردار
- روڊ سيفٽي جي حوالي سان تعليمي شعبي جو ڪردار
- روڊ سيفٽي جي حوالي سان انجنيئرنگ شعبي جو ڪردار
- ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن جي نفاذ جو نظام

هن موقعي تي بحث مباحثي ۾ مختلف پينلن طرفان پيش ڪندڙ سفارشن کي پڙهڻ ۽ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اسان جي ويب سائيٽ ڏسندا: www.sef.org.pk/rsep.asp





24 اپريل 2007ع تي ڪراچيءَ جي هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ڪيل نيشنل روڊ سيفٽي ڪانفرنس جي موقعي تي انڊس موٽرز ڪمپني جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جناب پر ويز غياث صاحب حاضرين کي خطاب ڪندي

---

### روڊ سيفٽي ڊولپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر

# جناب اعجاز علي خان سان ڳالهہ ٻولهہ




جناب اعجاز علي خان ڊائريڪٽر جنرل، آر ايس ڊي ڊي

**سوال:** اوهان جي خيال مطابق پاڪستان ۾ روڊ سيفٽي جي حوالي سان اهم ۽ وڏا مسئلا ڪهڙا آهن..؟

**جواب:** منهنجي سوچ مطابق پاڪستان ۾ روڊ تي سيفٽِي جي حوالي سان ٻہ وڏا مسئلا آهن؛ هڪڙو آهي ٽريفڪ اصولن جي خلاف ورزي ۽ ٻيو آهي روڊن جي غلط نموني جي ڊزائين، پهرين سبب ۾ تيز رفتاري، حد کان وڌيڪ وزن کڻڻ ۽ ٽريفڪ جي قانونن جي خلاف ورزي اچي وڃن ٿا. عام طور تي گاڏيون هلائيندڙن کي ڏنو ويو آهي تہ اهي پيادل هلندڙن جو ڪو بہ خيال نٿا رکن جنهن جي ڪري ڪيئي حادثا پيش اچن ٿا. ٽريفڪ قانونن جي خلاف ورزي کان علاوه روڊن جي غلط نموني جي ڊزائين بہ حادثن جو هڪ وڏو سبب آهي ڇاڪاڻ تہ روڊ ٺاهڻ وقت اڪثر ڪري انهن تي سلامتي جي لاءِ گھربل ضروري ڳالهين جو خيال ناهي رکيو ويندو.

**سوال:** جيڪي مسئلا توهان بيان ڪيا آهن، انهن کي ڪيئن ٿو حل ڪري سگھجي؟

**جواب:** درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي قدم کڻي سگھجن ٿا. ٽريفڪ قانونن جو عملي نفاذ روڊ حادثن کي گھٽ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگھي ٿو. پيادل ماڻهن جي روڊ پارڪرڻ لاءِ باقاعده مقرر ٿيل جايون هئڻ گھرجن ۽ انهن بابت نہ صرف گاڏيون هلائيندڙن کي مؤثر آگاهي ڏيڻ گھرجي بلڪ پيادل هلندڙن کي بہ آگاهي ڏيڻ گھرجي. انهي مسئلي جي ٽيڪنيڪل سائيڊ جي حوالي سان گاڏين جي وزن برداشت ڪرڻ واري دُري (Axle load control) جي گھربل مضبوطي هجڻ ۽ گاڏين کي بهتر اندازﮯ ۾ ٺاهڻ سان بہ انهي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ملندي.

**سوال:** روڊ سيفٽي ايجوڪيش پروگرام هڪ حوالي سان پاڪستان جو پهريون پروگرام آهي؛ جيڪو ٻارن سان گڏ اسڪول مئنيجمينٽ ٻاڊيز کي روڊ سيفٽي جي باري ۾ گھڻو ڪجهہ سيکاري ٿو، توهان کي هن پروجيڪٽ مان ڪهڙيون اميدون آهن؟

**جواب:** روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام هڪ اهڙو تعليمي پروگرام آهي جنهن ذريعي ٻارن کي دلچسپ ۽ وندرائيندڙ انداز ۾ روڊ سيفٽي جي ضروري اصولن بابت سمجهايو وڃي ٿو. اميد ٿي ڪجي تہ مختلف قسم جي تربيتي ڪتابن ۽ سرگرمين ذريعي روڊ سيفٽي بابت ڏنل تعليم نہ صرف انفرادي طرح سان سکندڙن کي فائدو ڏيندي بلڪ اها بہ اميد آهي تہ ٻارن ذريعي روڊ سيفٽي بابت اها ڄاڻ آس پاس وارن ڳوٺن تائين بہ پهچائي ويندي.

**سوال:** روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام مان هيستائين ڪهڙا ڪهڙا فائدا حاصل ٿيا آهن؟

**جواب:** هي پروگرام اڃان هلي پيو؛ اُن جي نتيجن بابت ڄاڻ پروگرام جي پوري ٿيڻ تي ئي پوندي، البتہ صحيح قسم جي حاصلات ان وقت ئي ٿي سگهندي جڏهن روڊ سيفٽي بابت تعليم جي هر باب کي مختلف ڪلاسن جي تعليمي نصاب ۾ باقاعده شامل ڪري ڇڏبو.

**سوال:** خانگي شعبو خاص طور تي ذرائع ابلاغ ۽ شراڪتي ڪاروباري شعبو روڊ سيفٽِي واري هن پروگرام جي ڪيئن مدد ڪري سگھن ٿا؟

**جواب:** هن مهم کي مستقل طورتي بحال رکڻ ۽ ٻين جاين تي بہ اهڙي مهم کي شروع ڪرڻ جو دارو مدار خانگي شعبي طرفان مالي وسيلن جي فراهمي ۽ sponsor ڪرڻ وارن جي مدد تي آهي، ٻي ڳالهہ اها آهي تہ هي منصوبو فلحال تجرباتي بنيادن تي سنڌ جي چئن ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو آهي. انهن منصوبن کي صوبي جي ٻين ضلعن ۾ بہ شروع ڪري سگھجي ٿو جنهن جي لاءِ ميڊيا سان گڏجي وڏا وڏا پروگرام، ميلا ڪرائڻ جن ۾ تفريح ۽ تعليم جو سنگم هجي، اهڙي مهم جي ذريعي نہ صرف ڪميونٽي ۾ شعوري ۽ سجاڳي آڻي سگھجي ٿي بلڪ روڊن جي حوالي سان ڊرائيورن ۽ پيادل هلندڙن جي طرزِ عمل کي بہ مناسب رُخ ۾ تبديل ڪري سگھجي ٿو.




ٽريفڪ جي قانونن ۽ قاعدن تي صحيح نموني عمل درآمد ڪرائڻ صرف ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي جڏهن ٻارن ۽ تمام روڊ استعمال ڪندڙ ماڻهن کي روڊ سيفٽي جي تعليم فراهم ڪري کين شعوري طور تي سجاڳ ڪيو وڃي.دنيا جي اڪثر ملڪن ته ڪافي عرصو پهريان کان ئي روڊ سيفٽي بابت ڄاڻ ۽ شعوري بيداري کي پنهنجي تعليمي نصاب جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي.ايئن ڪرڻ جي ڪري سندن ملڪن ۾ روڊ حادثن جي شرح ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي آئي آهي.

پروفيسر انيتا غلام علي (ستارهِ امتياز)
مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

# صوبي ۾ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي شروعات

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن سڀني ماڻهن لاءِ خاص ڪري ٻارڙن جي لاءِ تمام ضروري آهي هن ۾ ڄاڻ، سکيا ۽ سرگرمين جي انداز ۾ تعليم ڏيڻ هڪ اهميت جوڳو عمل آهي، اهڙو اظهار ڪراچيءَ جي هڪ مقامي هوٽل ۾ 27 نومبر، 2006ع تي روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي افتتاحي تقريب جي موقعي تي آيل سڀني ڳالهائيندڙن ڪندي چيو هنن وڌيڪ چيو ته اج جي اها اهم ضرورت آهي ته اسان کي ٽريفڪ جي قائدن، ضابطن ۽ قانونن جي مڪمل واقفيت هجي ۽ اسان پنهنجي سلامتيءِ لاءِ انهن اصولن جي پاسداري ڪريون. اها ڪانفرنس روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ (RSDD) ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) جي گڏيل سهڪار سان منعقد ڪئي ويئي. هيءَ ڪانفرنس وزير اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم جي نمائندگي ڪندي ڪاٽين ۽ معدني وسيلن جي وزير جناب عرفان الله مروت جي صدارت هيٺ ٿي گُذري، جنهن ۾ مختلف اداري ۽ سماجي تنظيمن سان گڏ استادن ۽ اسڪول مئنيجمينٽ باڊيز پڻ شرڪت ڪئي.روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر جنرل جناب اعجاز علي خان ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيسر انيتا غلام علي صاحبہ جن سنڌ جي تيز رفتار ٽريفڪ وارن ضلعن جي هزارين ٻارن جي تربيت واري هن منصوبي جو سرڪاري طور باقاعده افتتاح ڪيو. جناب مشهود رضوي ۽ دامن علي بوزدار صاحب، هن منصوبي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪردار تي تفصيلي روشني وجهندي ان ڳالهہ تي زور ڏنو ته روڊ سيفٽي بابت هن ڄاڻ کي صوبائي تعليمي نصاب ۾ شامل ڪرڻ ۽ پروگرام کي سنڌ جي ٻين سڀني ضلعن ۾ شروع ڪرڻ سان ئي صحيح معنيٰ ۾ فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

سنڌ روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي چيف ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر، مسٽر جُڳّا آئسو ٽالو ۽ ٽرانسپورٽيشن / روڊ سيفٽي جي سينيئر ڪنسلٽنٽ مسٽر ٽام گران برگ ان موقعي تي پريزينٽيشن ڏيندي چيو ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ روڊ سيفٽي بابت تعليم و تربيت کي ڪافي عرصو اڳ ئي پنهنجي نصاب جو حصو بڻائي ۽ ان کي عمل جوڳو بڻائي چڪا آهن ۽ پاڪستان طرفان ٻ انهي رخ ۾ قدم کڻڻ جي شروعات ڪئي ويئي آهي جيڪو هڪ نهايت ئي تعريف جوڳو عمل آهي. البتہ انهن ان ڳالهہ تي زور ڏنو ته روڊن تي ماڻهن جي سلامتي کي يقيني بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته ان لاءِ حڪومتي سطح جي سڀني ڪاتن، ميڊيا، سماجي تنظيمن ۽ عوام جي وچ ۾ ان حوالي سان هڪ مربوط ۽ مضبوط تعلق هم آهنگي ۽ شراڪتداري هجي.




معدني وسيلن جي صوبائي وزير محترم عرفان الله مروت سنڌ ۾ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي


# اسڪول مئنيجمنٽ باڊيز جي ميمبرن کي روڊ سيفٽي بابت تعليم و تربيت فراهم ڪئي ويئي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) پاران روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ (RSDD) سان گڏجي ”روڊ سيفٽي“ بابت ڪميونٽي جي ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۽ عام سجاڳي پيدا ڪرڻ جي مقصد خاطر گذريل چند هفتن دوران سنڌ جي تيز رفتار ٽريفڪ جي حوالي سان نمايان حيثيت رکندڙ ضلعن ۾ روڊ سيفٽي بابت تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪرايا ويا آهن. اهي تربيتي ورڪشاپ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران شروع ڪيل روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام (RSEP) جو بنيادي حصو آهن. روڊ سيفٽي جي قاعدن ۽ قانون بابت تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان پاڪستان جو هي پهريون ۽ بنيادي پروگرام آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان اهي ورڪشاپ 200 اسڪول مئنيجمينٽ باڊيز (SMBs) جي 100 والدين تعليمي ڪميٽين، ڳوٺاڻي تعليمي ڪميٽين ۽ اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين جن جو تعلق لاڙڪاڻي، خيرپور، دادو ۽ ڄامشوري ضلعن سان آهي (جيڪيRSEP جون شراڪتدار آهن.) جي تربيت ۽ سکيا جي لاءِ ڪرايا ويا. انهن تربيتي ورڪشاپن ۾ سماج جي سڀني ماڻهن ۽ خاص ڪري ٻارن کي روڊ سيفٽي بابت بنيادي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. روڊ تي هلندڙ گاڏين جي تعداد ۾ ٿيندڙ اضافي ۽ روز جي وڌندڙ روڊ حادثن جي ڪري اهڙي قسم جون تربيتون انتهائي ضروري ٿي پيون آهن.

ٻن ڏينهن واري هن ورڪشاپ ۾ سهولتڪارن تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آيل ٽيم کي حادثن جي ٽيڪنيڪل رخن بابت آگاهي ڏني ويئي ۽ تجزيو ڪري کين سمجهايو ويو ته حادثا ڪيئن ۽ ڇو پيش ايندا آهن، حادثن کان ڪهڙي طريقي سان بچي سگهجي ٿو.

تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن اڳيان ٽريفڪ حادثن جا ڪجهہ منظر پڻ پيش ڪيا ويا ۽ ڪائن پڇيو ويو ته انهن ۾ مختلف ماڻهن کان ڪهڙيون غلطيون ٿيون. هن سرگرمي ذريعي شرڪت ڪندڙن کي پنهنجون تجويزون ۽ رايا ٻڌائڻ جو موقعو مليو ۽ اهڙي ريت کين روڊ سيفٽي بابت بنيادي نوعيت جي معلومات حاصل ٿي. تربيتي سرگرمين تي مبني هڪجهڙين سرگرمين ذريعي سڀني شرڪت ڪندڙن کي اهو سمجهڻ جو موقعو مليو ته روڊ تي انفرادي ۽ اجتماعي سلامتي جي حوالي سان اسان منجهان هر هڪ تي ڪهڙيون ذميواريون عائد ٿين ٿيون. هن جديد قسم جي تربيتي ورڪشاپ ذريعي اسڪول مئنيجمينٽ باڊيز کي پنهنجي اسڪولن لاءِ صحت ۽ سلامتي جي لاءِ گهربل ضروري پاليسيون مرتب ڪرڻ جو موقعو مليو، اهي پاليسيون عمل پيرا ڪرڻ ۽ اهڙا قدم کڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون جن ذريعي هر اسڪول جي ٻارن جي روڊ تي هلڻ جي وقت سلامتي کي يقيني بڻائي سگهبو. هن ورڪشاپن ۾ فوري طبي امداد، ٽريفڪ جي نشانين، ڊرائيورن، پيادل هلندڙن، سائيڪل سوارن ۽ روڊ استعمال ڪندڙ ماڻهن لاءِ ٽريفڪ جي ضروري اصولن بابت معلوماتي ويهڪون ڪيون ويون.




سيوهڻ ۾ منعقد ٿيل ايس ايم سي جي روڊ سيفٽ سکيا ۾ شريڪ ٿيندڙن پاران مختلف اخبارن ۾ روڊ حادثن بابت ڇپيل خبرن بابَت تجزيو پيش ڪيو پيو وڃي




# ”سيفٽي وائيز“ ويب سائيٽ ۾ نئين

## معلومات ۽ ڄاڻ جو واڌارو روڊ سيفٽي جي تعليم بابت پاڪستان جي پهرين ويب سائيٽ

www.sef.org.pk/rsep.asp

جيڪو بہ شخص روڊ سيفٽي بابت ڪجهہ سکڻ چاهي ٿو تنهن جي لاءِ ويب سائيٽ سيفٽي وائيز جي نالي سان هڪ بهترين آن لائين ذريعو آهي. ويب سائيٽ ۾ ڪنهن بہ حوالي سان ڪو خشڪ موضوع نہ آهي. ويب سائيٽ ۾ پڙهڻ ۽ ڏسڻ جي لاءِ ڪافي مواد موجود آهي.روڊ سيفٽي بابت سمجهڻ خاطر ٻارن لاءِ بہ دلچسپ قسم جو مواد ڏنو ويو آهي.هن ويب سائيٽ ۾ ڪرن ۽ راجو جي باري ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪيڏڻ لاءِ مختلف قسمن جون آن لائين رانديون وغيره بہ رکيون ويون آهن. ان کان سواءِ هن سيفٽي وائيز ويب سائيٽ ۾ برساتي ڏينهن جي حوالي سان ڪيترائي تخليقي تصورات ۽ سوچون ڏنيون ويون آهن، جيڪي ڄاڻ جي اڻ کُٽ موتين سان پوئيل آهن .

ويب سائيٽ ۾ تعليم جي شعبي سان وابستہ ماڻهن ۽ روڊ تي پنهنجي ٻارن جي سلامتي جو فڪر رکندڙ والدين جي دلچسپي لاءِ هر وقت تازه ترين مواد ملي ٿو، جنهن ڳالهہ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي سا اها آهي تہ روڊ سيفٽي هڪ اهڙي تربيت آهي جيڪا هر ماڻهوءَ کي سکڻ ۽ سيکارڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ روڊ تي اوهان جا ٻار صحيح سلامت رهن تہ پوءِ مٿن ضروري آهي تہ هو روڊ تي قانونن ۽ قاعدن جي صحيح نموني سان پوئيواري ڪن. اسڪولن لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي شاگردن کي روڊ سيفٽي جي اهميت بابت تعليم ۽ تربيت مهيا ڪن. انهيءَ حوالي سان بہ ويب سائيٽ ”سيفٽي وائيز“ هڪ بهترين ذريعو آهي، جتان روڊ سيفٽي بابت بهترين قسم جي معلومات ملي سگهي ٿي.

روڊ سيفٽي بابت مواد ڏسڻ لاءِ توهان وزٽ ڪري سگهو ٿا هيٺ ڏنل ويب سائيٽ

www.sef.org.pk/rsep.asp

# روڊ سيفٽيءَ جي ميلن ذريعي ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد کي تعليم وتربيت ۽ تفريح مهيا ڪئي وئي

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ماڻهن کي روڊ سيفٽي بابت بنيادي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي مقصد خاطر مارچ مهيني جي وچ ڌاري لاڙڪاڻي، خير پور ميرس ۽ سيوهڻ (ڄامشوري ) ۾ روڊ سيفٽي جي حوالي سان ميلا منعقد ڪيا ويا جن ۾ 8000 کان مٿي ماڻهن شرڪت ڪئي. اهي تعليمي ميلا علائقي جي مقبول هنڌن ذوالفقار پارڪ لاڙڪاڻي، ناز پائليٽ هاءِ اسڪول خير پورميرس ۽ سيوهڻ آڊيٽوريم ، سيوهڻ ۾ منعقد ڪيا ويا، جنهن ۾ ڪيترن ئي ٻارن، انهن جي والدين، اسڪول جي استادن سرڪاري ملازمن، مقامي حڪومتن جي نمائندن، صحافين سان گڏ معزز مهمانن شرڪت ڪري مختلف تنظيمن طرفان پيش ڪيل سرگرمين ۽ اسٽالن مان ڄاڻ سان گڏ تفريح ماڻي.

روڊ سيفٽي جي تعليم جي اهميت تي روشني وجهڻ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ حڪومتِ سنڌ گڏيل طور روڊ سيفٽي بابت اهي تعليمي ميلا منعقد ڪري شاگردن، استادن، والدين ۽ روڊ استعمال ڪندڙ ماڻهن کي دعوت ڏيئي گهرايو.



روڊ سيفٽيءَ جي ميلي ۾ ٻارَ خاڪو پيش ڪندي



روڊ سيفٽي برگيڊ جو هڪ ڪارڪن ڄاڻ ڏيندي

روڊ سيفٽي بابت سوالن جوابن جي مرحلي سان گڏ هنن ميلن ۾ اسڪولي ٻارن طرفان خاڪا، موٽر وي موبائل ايجوڪيشن يونٽ طرفان پريزينٽيشن، ٻارن طرفان شاعري ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون. انهن تفريحي سرگرمين مان روڊ سيفٽي جي حوالي سان گهڻو ڪجهه پرايو، جنهن جو اظهار هنن پنهنجا ويچار ونڊيندي ڪيو. هنن تعليمي ميلن ۾ سڀ کان وڌيڪ دلچسپ مرحلو پتلي تماشو ۽ جادوئي ڪرتب ڏيکارڻ هيو جنهن کي ڪراچي جي هڪ گروپ ٻاران پيش ڪيو ويو. پتلي تماشي ذريعي ٻارن کي نہ صرف روڊ سيفٽي جي معلومات جي اهميت کان آگاهہ ڪيو ويو بلڪ سنڌ جي ناٽڪ منڊلين واري وسريل روايت، ڪٺ پتلين واري قديمي فن جي ياد کي بہ تازو ڪيو ويو.

لاڙڪاڻي جي ڊي سي او جناب نصير جمالي، موٽر وي موبائل ايجوڪيشن يونٽ جي جناب خالد قريشي، لاڙڪاڻي جي تعلقي ناظم جناب قربان عباسي، لاڙڪاڻي پريس ڪلب جي صدر جناب علي گل سانگي، خير پور جي ڊي سي او جناب شاهد پرويز قاضي، خير پور جو ناظم پير سيد نياز حسين شاهہ خيرپور جي اِي ڊي او ايجوڪيشن پروفيسر سڪندر علي شاهہ روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي نمائندي جناب غلام حسين ملاڻو، روڊ سيفٽي ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن جناب لائق ميمڻ، سيوهڻ جي اِي ڊي او ايجوڪيشن جناب عبدالمجيد پڻ هن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

## بقايا: روڊ سيفٽي جي عالمي هفتي جون تقريبات

اقوام متحده طرفان روڊ سيفٽي جي حوالي سان عالمي سطح تي ملهائيو ويندڙ هفتو (UN Global Road Safety Week) سان سهمت رکندي سنڌ جي لڳ ڀڳ 100 اسڪولن ۾ هڪ پوري ڏينهن لاءِ اهڙين تقريبون ملهايو ويون جن ۾ روڊ سيفٽيءَ بابت ڄاڻ ۽ بيداري لاءِ ڪم ڪيو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ جي شراڪتداري سان انهن اسڪولن روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت اِهي ڏينهن ملهايا. انهن اسڪولن کي وندرائڻ سان گڏ روڊن تي انساني زندگين جي بچاءُ جي اهميت جي حوالي سان ڄاڻ فراهم ڪرڻ لاءِ ڪين ڪيترين ئي معلوماتي سرگرمين ۾ مصروف رکيو

اسڪولن جي ٻارن روڊ سيفٽي جي حوالي سان مختلف مزاحيہ خاڪا پيش ڪري روڊ تي پيادل هلندڙن ماڻهن ۽ ڊرائيورن جي طور طريقن بابت خاڪن واري انداز ۾ ڄاڻ جو اظهار ڪيو ۽ اهو سمجهيو تہ ڪين روڊ تي ڪهڙي انداز ۽ طريقي سان هلڻ کپي.

child-centered methodology ۽ Interactive هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ باهمي ڳالهہ ٻولهہ ۽ خيالن جي ڏي وٺ سان گڏ ٻاراڻي سوچ جي سطح کي مد نظر رکي سنواريو ويو آهي ۽ اهو ئي طريقو آهي جنهن کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ٻارن جي سوچ ۾ تبديلي آڻڻ جو بهترين ذريعو ڪري پڻ ڪنيو آهي، ان سوچ جو عملي مظاهرو پڻ انهن پروگرامن ۾ ڪيو ويو. ايس اي ايف جي ٽيم طرفان انهن اسڪولن کي تخليقي سوچڻ جيئن: پيپٽ شو ۽ موضوع جي مناسبت سان خاڪا ڏيکارڻ ۾ سهولتڪاري فراهم ڪئي ويئي. روڊن تي حادثن جي شرح ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ اسڪولن کان مدد وٺڻ کي سچي دنيا ۾ هڪ مؤثر حڪمت عملي طور تسيلم ڪيو ويو آهي




لاڙڪاڻي جي تعليمي ميلي ۾ شاگرداڻيون ٽيبلو پيش ڪندي

## سنڌ ۾ روڊ سيفٽيءَ جي صورتحال : هڪ جائزو

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام (RSEP) جي شروعات وقت سنڌ جي ٻارن جي روڊن تي حفاظت خاطر اهم تحقيقي معلومات گڏ ڪئي ويئي. ان خيال سان مطالعاتي تحقيق ڪئي وئي تہ روڊ سيفٽي لاءِ ڪم ڪندڙ سيني شراڪتدار ادارن کي روڊ سيفٽي جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ ڏني وڃي ۽ اهڙن پروگرامن جي سرگرمين جي نتيجن بابت اڳواٽ اندازو ڪيو وڃي.آگسٽ ۽ سيپٽمبر 2006ع دوران سنڌ ايجوڪيش فائونڊيشن (SEF) طرفان پنهنجي 100 شراڪتدار اسڪولن مان روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي حوالي سان بنيادي قسم جي معلومات گڏ ڪئي ويئي . معلومات جي انهيءَ نموني (Sample) ۾ سنڌ جي 100 اسڪولن، 100 هيڊ ماسترن، 400 شاگردن، 300 ڪميونٽي ميمبرن ۽ 20 هيلٿ يونٽس کي شامل ڪيو ويو .

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان سنڌ جي ڪجهہ چونڊ ڪيل ضلعن ۾ روڊن تي موجود خطرن بابت مڪمل نموني خبردار ڪيو ويو آهي. روڊ تي ٿيندڙ حادثن جو وڏي ۾ وڏو سبب تيز رفتاري کي ڄاڻايو ويو آهي. ان ڪانسواءِ بي احتياطي سا ن گاڏي هلائڻ،




روڊن جي خراب حالت ۽ پيادل هلندڙن طرفان بي توجهي بہ روڊ حادثن جا وڏا وڏا سبب آهن جن سا هر سال لکين جانيون يا ٻين لفظن ۾ لڳ ڀڳ هر 30 سيڪنڊن ۾ هڪ انساني زندگي ضايع ٿئي ٿي.

جيڪي ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان روڊ حادثن جو شڪار رهيا آهن تن طرفان دلچسپ قسم جون حقيقتون ٻڌڻ ۾ آيون آهن. انگن اکرن مان صاف ظاهر پيو ٿئي تہ روڊ حادثن جو شڪار ٿيندڙن مان ٽيون حصو پرائمري اسڪولي ٻارن جو هوندو آهي.ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ صورتحال نهايت ئي ڳنڀير آهي. هن تحقيقي مطالعي مان جن ٻين اهم ڳالهين بابت پتو پيو سي هن ريت آهن: شاگردن جي هڪ تمام وڏي اڪثريت يعني 70 سيڪڙو شاگردن جو خيال اهو هو تہ روڊ حادثن جو سب کان وڏو سبب تيز رفتاري آهي، جڏهن تہ ٻيو وڏو سبب گاڏين هلائڻ دوران ڊرائيورن جي لاپرواهي آهي جيڪي گاڏيون سڀ کان وڌيڪ حادثا ڪن ٿيون سي ڳريون گاڏيون يعني ٽرڪون يا ٽرالر وغيره ئي آهن.جن ماڻهن کان انٽرويو ورتا ويا تن منجهان صرف 43 سيڪڙو ماڻهن کي روڊ قاعدن ۽ قانونن ۽ نشانين بابت ڄاڻ هئي.

روڊ تي سلامتي جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ 31 سيڪڙو ماڻهن جي راءِ هئي تہ روڊ تي هلندڙ گاڏين جي رفتار کي ڪنهن قدر گهٽ رکيو وڃي جڏهن 29 سيڪڙو ماڻهن جو خيال هو تہ ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن جي بهتر ڄاڻ ذريعي ئي روڊ حادثن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. روڊ سيفٽي جي حوالي سان وڌيڪ انگ اکر ڄاڻن لاءِ ملاحظ ڪندا اسان جي ويب سائيٽ سيفٽي وائيز جو تحقيق وارو شعبو:

www.sef.org.pk/rsep/research.html

## روڊ سيفٽي جي حوالي سان ريڊيو پروگرام

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام کي نافذ ڪرائيندڙ اداري سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان ”سچل ايف - ايم 105 ريڊيو جي انتظاميہ سان ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي بابت مختلف پروگرام ۽ پيغامات تيار ڪرڻ ۽ انهن کي نشر ڪرڻ جي حوالي سان هڪ معاهدو ڪيو ويو آهي. هن ريڊيو چئنل طرفان روڊ سيفٽي جي موضوع تي بحث مباحثا، اشتهارات ۽ ڪهاڻيون نشر ڪيون وينديون تہ جيئن ماڻهن (خاص ڪري ٻارن) ۾ روڊ سيفٽي جي اصولن جي اهميت بابت سجاڳي پيدا ٿئي. ”سچل ايف - ايم 105 “ ريڊيو طرفان اهي پروگرام روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام جي لاءِ چونڊ ڪيل ضلعن دادو، سيوهڻ، خير پور ۽ لاڙڪاڻي ۾ نشر ڪيا پيا وڃن.

## ڪجهہ پنهنجي باري ۾

سيفٽي وائيز هڪ ڇهہ ماهي نيوز ليٽر آهي، جنهن کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ، ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمنٽ حڪومتِ سنڌ طرفان صوبي جي تيز ترين ٽريفڪ وارن ضلعن جي 50 سرڪاري ۽ 50 ڪميونٽي اسڪولن ۾ روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام شروع ڪيو ويو آهي.

هن نيوز ليٽر جي ڪاپي ”مفت“ گهرائڻ لاءِ اسان کي پنهنجو ٽپال پتو هيٺ ڏنل اِي ميل ائڊريس تي موڪلي ڏيندا يا فون نمبر (Ext: 216)111-424-111(92-21) تي رابطو ڪندا.


سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ

روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمنٽ
حڪومتِ سنڌ